
# ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

سنڌي ساهتيڪار



Dr. Motilal Jotwani
Ph.D.
Eminent Scholar and Literatteur,
Recipient of ‘PADMA SHRI’ Award

ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ ڏاڍا لاھا چاڙھا ڏٺا ويا آھن. ورھاڱي کان جلد ئي پوءِ سنڌي ليکڪن مالي مشڪلاتن کي منھن ڏيڻ باوجود جاتيءَ ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ اُتساھ ڏيندڙساھتيہ جي رچنا ڪئي. سرڪار طرفان سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻن لپين جي تسليمي ۽ وڌان ۾ سنڌيءَ کي شامل نہ ڪرڻ تي سنڌي ليکڪن ۽ اَديبن جي ھلچل پڻ تاريخ ۾ درج ٿيل آھي.

آزاديءَ کان وٺي سچا سارا ويھہ سال جدوجھد ڪندي پوءِ مس وڃي سنڌي ٻوليءَ کي آئين ۾ جوڳي جاءِ ڏني ويئي! اِھا اُميد پئي ڪئي ويئي تہ جوڙجڪ ۾ جاءِ ملڻ تي سنڌي ٻوليءَ کي اُسرڻ جو اَڃا بہ وڌيڪ موقعو ملندو؛ پر اِئين ڪونہ ٿيو!

نہ صرف ايترو پر اَسان جي مادري ٻولي، جيئن پوءِ تيئن گھرن مان ويئي غائب ٿيندي. اَسين اھڙين نازڪ حالتن سان ھم ڪنار ٿياسين، جو پنھنجي ٻارن کي بہ زور ڏيئي ٻڌائڻو پيو تہ ''اَسين سنڌي آھيون ۽ اَسان جي مادري ٻولي سنڌي آھي.''

ائين ڇو ٿيو! اُن جي پٺيان ڪھڙا ڪارڻ ھئا! اَچو تہ اِھو بحث ڪريون **ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ** سان....

**جوَهراڻي:** **سڀ ڪان پهرين تہ مان توهان ڪان پڇڻ ٿو چاهيان تہ ورهاڱي ڪان پوءِ هندوستان اَچڻ تي سنڌي جاتي ۽ اَسان جي سڀيتا جو ڪهڙو حال آهي؟**

**موتيلال:** ورهاڱو اَسان لاءِ مصيبت بہ هئو تہ غنيمت بہ! ديش ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو، اها دکدائڪ ڳالهہ هئي. اَسين هن وشال ديش ۾ آياسين، اِها هڪ قسم جي وڏي غنيمت هئي. آزاد هندوستان جي پيٽ ۾ سنڌ هڪ تمام ننڍڙو پرانت هئو، جنهن ۾ اَسين جڻ محدود دائري ۾هئاسين، جيتوڻيڪ اَسان جو واسطو هندوستان سان هئو ۽ اَسين اَکنڊ ڀارت جو حصو هئاسين. هتي اَسان کي وسيع دائرو ۽ وَجَهہ مليا. اَسين هر هنر ۾ پنهنجي محنت سان گوءِ کڻندڙ آهيون.

**جوَهراڻي:** **اَسان سان جنم ڀومي ڇڏڻ وقت بهترين جيون لاءِ جيڪي انجام اقرار ڪيا ويا هئا، ڇا اَهڙيون سهوليتون هتي اَچڻ وقت موجود هيون؟**

**موتيلال:** توهان کي اِهو محسوس ڪرڻ گهرجي تہ شروع شروع ۾ اَسان جون بنيادي ضرورتون هيون کاڌو، ڪپڙو ۽ اَجهو! جنهن تي ئي پورو پورو ڌيان ڏيڻ اَهميت وارو هئو.

**جوَهراڻي:** **ڇا ان ڪري اَسان جي ٻولي، ساهتيہ ۽ سڀيتا کي ڌڪ رسيو؟**

**موتيلال:** اهو توهين بلڪل سچ ٿا چئو! پر اَسين هتي هن وشال ديش ۾ آيا آهيون. اَسين جيڪڏهن اُتي هجون ها تہ ماحول گهڻو ڪجهہ ٻيو هجي ها. توهان کي خبر آهي تہ سرحد جي هُنَ پار هن وقت ڪهڙو ماحول غالب پئجي ويو آهي. اَڄ اَسين سڄي دنيا سان کلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيا آهيون، ڇو جو اَسين هتي هند ۾ آياسين.

**جوَهراڻي:** **توهين سنڌ جي ڪهڙي حصي مان اَچو ٿا؟**

**موتيلال:** مان روهڙيءَ ۾ ڄائو هوس ۽ منهنجو پتا صاحب ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندو هئو.

**جوَهراڻي:** **توهان جي پتا صاحب جو اُتي ڪهڙو ڪاروبار هئو؟**

**موتيلال:** منهنجو پتا صاحب ماستر هو. هو ڪي. جي. ڪلناڻي هاءِ اِسڪول، ڪراچي (سنڌ) ۾ ناميارو ماستر هئو. اُتي اَسين هڪ مسلمان جي جڳهہ ۾ مسواڙ تي رهندا هئاسين.

**جوَهراڻي:** **ڇا توهان کي سنڌ ۾ پنهنجي جڳهہ يا ملڪيت ڪانہ هئي؟**

**موتيلال:** اَسان کي روهڙيءَ ۾ ملڪيت هئي، پر ڪراچيءَ ۾ ڪانہ هئي. ڪراچيءَ ۾ اَسان جي جڳهہ جو مالڪ اَللهہ بخش هئو. جڏهن ٦ جنوري ١٩٤٨ع ۾ فساد ٿيا، تڏهن ڪراچيءَ ۾ آيل مهاجرن سيني هندن کي هڪالڻ تي چاهيو. پر اَسان جي جڳهہ جي مالڪ جي مهرباني، جو جڏهن هو اَسان جي در تي آيا تہ کين چيائين:

”هتي ڪو بہ ڪافر ڪونہ رهندو آهي ۽ جيڪي هتي رهندا هئا، سي هڪ ڏينهن اَڳ ئي لڏي ويا.“

اُن ڏينهن مون کي پهريون سبق مليو تہ صوفي مت ڇا ٿيندو آهي.

**جوَهراڻي:** **سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ توهين هند ۾ ڪٿي اَچي ٽڪانئيڪا ٿيا ۽ توهان پنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪيئن ڪئي؟**

**موتيلال:** اَسين پهرين بمبئيءَ پهتاسين. منهنجي پتا صاحب کي ملاد ۾ نوڪري ملي هئي. پوءِ اَسين ديولاليءَ ڏانهن وياسين. پوءِ ديولاليءَ مان ڌوليا. اُن کان پوءِ منهنجي پتا صاحب کي بابا نيڀراج اِسڪول، ڌُليءَ ۾ هيڊ ماستريءَ جي آڇ ملي. منهنجي پتا صاحب اُها منظور ڪئي ۽ اُن اِسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو. مان ورهاڱي وقت ٻارهن سالن جو هوس جڏهن اَسين هندوستان ۾ آياسون.

**جوَهراڻي:** **توهان تعليمي کيتر ۾ ڪيئن آيا؟**

**موتيلال:** اِهو سياويڪ لاڙو آهي تہ پٽ، پيءُ جي نقش قدمن تي هلندو آهي. مان مئٽرڪ جي اِمتحان ۾ سڄي ڌليءَ ۾ پهريون نمبر آيس. اُن وقت مئٽرڪ پوري ڪرڻ کانپوءِ بنيادي ماستري سکيا لاءِ وڃي سگهبو هو. مان بہ پهرين پرائمري اِسڪول ۾ ماستر ٿيس، پوءِ سيڪنڊري ماستر ۽ اُن کان پوءِ ڪاليج ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو.

ايشور جي ڪرپا سان مان ’اِنڊو-مسلم ڪلچر ڊپارٽمينٽ‘، هارورڊ يورنيورسٽي، آمريڪا ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿيس. انهيءَ نموني مان، تعليم ۽ ساهتيہ ڪيتر ۾ گهرائيءَ سان جڙيل پئي رهيو آهيان ۽ سو بہ اَلگ اَلگ سطحن تي.

**جوَهراڻي:** **جيئن تہ توهين تعليم جي ڪيتر سان جڙيل آهيو؛ اَسان کي ٻڌايو تہ هن وقت هندوستان ۾ اَسان جي ٻوليءَ جي تعليم جو ڪهڙو حال آهي؟**

**موتيلال:** جيئن اَڳ چئي چڪا آهيون تہ اُنهن ڏينهن ۾ بنيادي مسئلو هئو ڪاڏو،ڪپڙو ۽ اَجهو. ان ڪري سنڌي سپيتا، ٻولي ۽ ساهتيہ کي اڳرائي نہ ڏني ويئي.

**جوَهراڻي:** **اِسڪولن ۾ بہ تہ سنڌي ٻولي سيڪارڻ بند ڪئي ويئي آهي!**

**موتيلال:** جڏهن بنيادي مسئلا، ڪاڌو، ڪپڙو ۽ اَجهو حل ٿي ويا تہ پوءِ اَسان جاتيءَ جي ٻين مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو؛ پر تنهن وقت تائين منهنجي خيال موجب گهڻي دير ٿي چڪي هئي!

**جوَهراڻي:** **آزاديءَ جي هلچل ۾ سنڌين تمام اَهم يوگدان ڏنو. توهين ٻڌائي سگهندا تہ ڪهڙي سنڌي هستيءَ ان جدوجهد ۾ حصو ورتو هو؟**

**موتيلال:** اُنهن ڏينهن ۾ ڪانگريس جي نيتائن آزاديءَ جي هلچل ۾ چڱو سرگرم ڀرو ورتو. جيرامداس دولترام، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي ٽمورتي سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل جي باني ليکي ويندي هئي. پر پوءِ جڏهن مسلم ليگ ٺاهي ويئي، تڏهن خود مسلمانن ئي محسوس ڪيو تہ سندن اَڳوان جي. ايم. سيد؛ جو حقيقت ۾ ڪانگريس جو ئي نيتا هئو ۽ مهاتما گانڌيءَ کي پنهنجو آدرش مڃيندو هئو ۽ ان مان ئي اُتساهہ پائيندو هو، پر پوءِ هو وڃي جناح سان شامل ٿيو. اَسين پڪ سان چئي سگهون ٿا تہ هندن ۽ مسلمانن، ٻنهي گڏجي آزاديءَ جي آندولن ۾ حصو ورتو. مسلم ليگ ۾ شروعات ۾ اَللهہ بخش سومرو هئو، جيڪو سنڌ جو مکيہ وزير ٿي رهيو. هو شهيد بہ ٿي ويو.

هن جي حياتيءَ تي پورو ناول لکي سگهجي ٿو.

**جوَهراڻي:** **توهان جي چوڻ موجب هندن ۽ مسلمانن پنهي گڏجي آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو ورتو، پر پوءِ اَڳيان هلي اُها آزادي ملڻ دوران مذهب جي بنياد تي باهمي نفاق پيدا ٿيا. اُن جو ڪهڙو سبب هو؟**

**موتيلال:** يقينن پوري طرح ذات پات جي ڪري ٿيو. جناح صاحب راوي نديءَ جي ڪناري ٻن قومن جي اُصول جو اَعلان ڪيو ته هندو پنهنجي اَلڳ سيپتا جي ڪري جدا قوم آهن ۽ مسلمان پنهنجي اَلڳ سيپتا جي ڪري جدا قوم آهن. ان ڪري ملڪ جو ورهاڱو ٻن قومن جي ڌرم ۽ مذهب کي ڌيان ۾ رکي ڪرڻ گهرجي.

اِهو چيو وڃي ٿو ته جناح جي ٻن قومن واري اُصول جي حقيقت ۾ شروعات جي. ايم. سيد ڪئي هئي. پر ان ۾ تمام مکيه ڳالهه ڌيان طلب آهي ته ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ اُهو جي. ايم. سيد ئي هئو، جنهن اَعلان ڪيو ته اها سندس زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڀُل هئي!

**جوَهراڻي:** **ڪن جو چوڻ آهي ته جي. ايم. سيد جي ڪري ئي ڪيترن جا خون ڪيا ويا ۽ ڪي ان کان بلڪل اِنڪاري آهن! اُن جي حقيقت تي توهين ڪجهه روشني وجهي سگهندا؟**

**موتيلال:** پهرين پهرين مان پڪ سان چئي سگهندس ته ائين برابر ٿيو هو. خاص ڪري سکر جي منزل گاهه هلچل وقت. ايتري قدر جو اَسان جو مهان سنت ڀڳت ڪنوررام به ان منزل گاهه جي هلچل دوران شهيد ٿي ويو. ساڳئي وقت هاسانند پمناڻي، ايم.ايل.اي. به روهڙيءَ ۾ قتل ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ يعنيٰ ١٩٣٩ع کان ١٩٤٥ع دوران ماحول اَهڙو ته بدتر ٿي ويو، جو هندن لاءِ اُتي رهڻ ۽ جيئڻ محال ٿي پيو.

**جوَهراڻي:** **خون خرابين جي ڪري ئي سنڌين کي پنهنجي جنم-ڀومي ڇڏڻي پيئي. ايڏي وڏي قرباني ۽ هيترو سنڌين جو ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ يوگدان؛ تنهن هوندي به جڏهن هندوستان**

**جو وڏان پئي جوڙيو ويو، تڏهن سنڌي ٻوليءَ کي اُن ۾ شامل ڪونہ ڪيو ويو! جيتوڻيڪ اُن وقت واري جوڙجڪ ڪاهيندڙ ڪاميٽيءَ اندر ڪيترا سنڌي بہ پڻ ميمبر هئا! اِئين ڇو؟**

**موتيلال:** اهو درست آهي! اُن وقت هنن سڌو سنواٽو رستو اَختيار ڪيو هو. تڏهن اِئين‌چيو ويو تہ جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪو بہ پرانت ڪونہ آهي، ان ڪري اُن کي سموڌان ۾ جوڙي نٿو سگهجي.

**جوَهراڻي:** **پر ان لاءِ اَسين جوابدار ڪونہ هئاسون! اَسان کي پرانت يا زمين ٽڪرو ڏنو ئي ڪونہ ويو هو!**

**موتيلال:** اهو توهان جو نظريو آهي! پر سموڌان ڪاميٽيءَ جي نظريي موجب سنڌي، ديش جي اَلگ اَلگ پرانتن ۽ حصن ۾ پکڙجي ويا آهن ان ڪري ڪنهن هڪ پرانت سان واسطو نٿا رکن!

**جوَهراڻي:** **اُن وقت اَسان جي سنڌي ميمبرن ڇا اهو آواز اُٿاريو تہ سنڌي ٻوليءَ کي بہ سموڌان ۾ جوڳي جاءِ ڏني وڃي؟**

**موتيلال:** اُن وقت اُتي جيڪي سنڌي ميمبر هئا، تن کي اها ڳالهہ شايد ڌيان ۾ ئي ڪانہ آئي! هنن سوچيو تہ هن نئين ملڪ ۾ نون چهرن سان مڪاميلو ٿيندو ۽ ايماندار نيتائون ملندا. ان ڪري اَسان جي ٻوليءَ کي جوڳي جڳهہ نہ ملي تہ نہ سهين! هو مهاتما گانڌيءَ جا سچا پوئلڳ هئا. پر پوءِ جڏهن محسوس ڪيائون تہ جيئن تہ اَسان کي هندوستان ۾ ئي رهڻو آهي، ان ڪري اَسان جي سنڌي ٻوليءَ کي سموڌان ۾ داخل ڪرائڻ تمام ضروري آهي ۽ پوءِ هنن قدم کنيا ٻوليءَ کي سموڌان ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ.

**جوَهراڻي:** **اُن وقت هڪڙو ٻيو بحث مباحثو ٻن لپين کي منظور ڪرائڻ وارو پڻ ڪنڊ ڪڙي بيٺو، اُن جي پٺيان ڪهڙو سبب هئو؟**

**موتيلال:** ان ۾ بہ ساڳي ئي ويچار ڌارا هئي تہ جيئن تہ هڪ وڏي ديش ۾ آيا آهيون جنهن کي گهڻن قسمن جون پرمپرائون ۽ ريتيون رسمون آهن، گهڻيون ئي لپيون آهن. پر چاڪاڻ تہ اَسين ڪيترن ئي پرانتن ۾ پکڙجي ويا آهيون؛ جيئن تہ مهاراشٽر، اُتر پرديش، مڌيہ پرديش، دهلي، پنجاب وغيره جتي ديوناگري گهڻي هلندڙ آهي،

ان ڪري اَسان کي اُنهن جي نقش قدمن تي هلڻ گهرجي. پنجابي به ته ٻن لپين ۾ لکي ويندي آهي؛ ديوناگري ۽ گرمکيءَ ۾.

**جوَهرلال:** **توهان جي چوڻ جو مطلب اِهو آهي ته جيئن ندي، سمنڊ تائين پهچڻ کان پوءِ اُن ۾ سمائجي پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيندي آهي؛ تيئن اَسان کي پڻ ساڳئي نموني وشال ڀارت ۾ پنهنجو وجود وڃائڻو پوندو!**

**موتيلال:** نه ! ائين نه آهي! ساگر ته پنهنجو پاڻ ۾ مهان آهي، پر اُن ساگر ۾ پيل هرهڪ بوند پنهنجي نديءَ کي ياد پيئي ڪندي آهي. سو جيئن توهان چئو ٿا، تيئن نه آهي!

**جوَهرلال:** **هتي ته اَسان کي پوري طرح وساريو ۽ نظرانداز ڪيو ٿو وڃي! توهان اِهو نه ٿا محسوس ڪيو ؟**

**موتيلال:** نه! ائين ڪونهي! اَسان جي ٻوليءَ کي سمودڌان ۾ جوڙيو ويو. جيتوڻيڪ چڱو وقت لڳو. توهان کي ڄاڻ هوندي ته ١٠ اَپريل ١٩٦٧ تي اَسان جي سنڌي ٻولي وڌان ۾ جوڙي وئي!

**جوَهرلال:** **ان لاءِ ڪنهن کي شاباس ڏيڻ چاهيندا؟**

**موتيلال:** حقيقت ۾ اهو اَسان ساهتيڪارن جي ڪري ٿيو. جنهن ۾ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ايل. ايچ. اَجواڻي جنهن مسودو تيار ڪيو هو. پر ان جي پنيان به وڏي سياست هلي هئي. پهرين اَٽل بهاري باجپاءِ صاحب اهو ٺهراءُ پيش ڪيو هو، پر پوءِ محسوس ڪيائين ته پارليامينٽ ۾ ان ٺهراءَ جي پنيرائي گهٽائيءَ سان ڪانه ٿيندي ته هن اهو ٺهراءُ واپس ورتو. وري شري جيرامداس جي معرفت پيش ڪيو ويو، ڇو جو ڪيس اِندرا گانڌيءَ جي پنيرائي هئي. اِندرا گانڌيءَ جي پنيرائيءَ ڪري ئي اَسين ڪامياب ٿياسين. توهين اِئين چئي سگهو ٿا ته شري جيرامداس جي ڪوشش سان اَسين ڪامياب ٿياسين. ساڳئي وقت رام جيٺملاڻيءَ جو به اُن ۾ تمام وڏو يوگدان هئو؛ خاص ڪري سنڌي لپيءَ جي سوال ۾. هن چيو ته اَسان جي مکيه طور لپي عربي آهي، پر پوءِ فيصلو آيو ۽ ٻيئي لپيون منظور ڪيون ويون.

**جوَهراڻي:** **ويجهڙائيءَ ۾ اَسان جي راشٽريہ گيت مان 'سنڌ' لفظ ڪڍڻ ۽ سنڌو درشن جي سوال تي واد وواد ٿيو هئو. ڇا اهو واجب هئو؟**

**موتيلال:** مان انهن سوالن کي ڪابہ اَهميت ڪونہ ٿو ڏيان ۽ اهي بي مطلب آهن!

**جوَهراڻي:** **پر انهن سوالن اَسان جي جذبات تي تہ اَثر ڪيو نہ!**

**موتيلال:** ڪنهن ماڻهوءَ کي شخصي طور ڪنهن جاتيءَ لاءِ گهرڻا آهي، تہ پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي!

**جوَهراڻي:** **پر هتي اُهو شخص اَڪيلو ڪونہ هو ۽ ڪيس سرڪار جي بہ پٺڀرائي هئي!**

**موتيلال:** نہ! ائين ڪونهي! اُن کي سرڪار جي پٺڀرائي ڪانہ آهي! سرڪار چيو تہ 'سنڌ' سياست جي نہ، پر سڀيتا جي نمائندگي ٿي ڪري. ان ڪري اُن کي ڪڍي نٿو سگهجي . راشٽريہ گيت ۾ 'سنڌ' لفظ قائم رهندو، ڇو جو هندوستان ۾ سڀيتائن وارو ديش آهي. هينئر سوال جي ٻئي حصي، ليهہ - لداخ واري 'سنڌو درشن' تي اَچون. ان ٿورو منجهارو پيدا ڪيو هو پر آخر ۾ اهو بہ مسئلو حل ٿي ويو.

**جوَهراڻي:** **تاريخ گواهہ آهي تہ سرڪار شايد ان ڳالهہ کي وساري ڇڏيو آهي تہ سنڌي جاتيءَ گهڻي ۾ گهڻي قرباني ڏني آهي. ديش جي ناڻي جي نوٽن تي ٻين سڀني ٻولين ۾ لکيو ويو آهي، سنڌيءَ کي ڇڏي. پرجاتنتر ڏينهن جلسي (Republic Day Parade) ۾ سنڌي جهانڪيءَ جي حصيداري ڪانہ آهي. ڇا اِهي سڀ ڳالهيون اَسان جي دلين ۾ هڪ مايوسي پيدا نہ ٿيون ڪن، جڻ اَسان کي ڏاريو سمجهيو ٿو وڃي؟**

**موتيلال:** توهان جو مطلب آهي تہ اَسان کي پهرئين درجي جي ناگرڪ جا حق واسطا ڪونہ مليا آهن؟

**جوَهراڻي:** **مان تہ اِئين ٿو سمجهان پر توهين ان مدي کي وڌيڪ باريڪيءَ سان اُجاڳر ڪريو!**

**موتيلال:** مان سمجهان ٿو تہ اَسان کي پهرئين درجي جي ناگرڪ جا سڀ حق واسطا مليل آهن. اَسان جو ڪم آهي تہ اُنهن کي محفوظ رکون ۽ اُنهن کان محروم نہ ڪيا وڃون. ان ڪري اَسان کي سياسي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي.

**جوَهراڻي:** **اَڄ جيڪي سنڌي ماڻهو راڄنيتيءَ ۾ سرڪاري سطح تي آهن؛ ڇا اُهي جاتيءَ سان وفاداري نڀائين ٿا؟**

**موتيلال:** سڀني ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين جاتيءَ سان اِنصاف ڪيو آهي. رام جيٺملاڻيءَ جو ئي مثال وٺو ۽ تنهن کان سواءِ مخالف ڌر جو منهندار ايل. ڪي. آڏواڻي بہ آهي. هر ڪنهن، پوءِ اُهو ساهتيڪار هجي، ڪلاڪار هجي يا ڪو ٻيو؛ هُن ڪجهہ نہ ڪجهہ جاتي لاءِ پنهنجي ليکي ڪيو آهي. حقيقت ۾ مان تہ ان ويچار جو آهيان تہ اَسين سڀ جاتيءَ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪريون ٿا.

ساهتيڪار، لفظن جا مالڪ آهن ۽ لکڻ ۾ ماهر آهن تہ سياستدان عملي جامو پهرائڻ ۾ هوشيار آهن. لکڻ ۽ عملي جامو پهرائڻ ۾ هڪڙو خاص سنٻنڌ آهي. مثال طور' آنند مٺ' ساهتيڪار بنڪم چندر چٽوپاڌيايہ جو لکيل آهي تہ اُن لکيت مان آزاد هند فوج جو جنم ٿيو، جيڪا سڀاش چندر بوس جي ڪوشش جو نتيجو آهي!

**جوَهراڻي:** **اَسان جي ليکڪن جي لکڻين مان اَهڙو ڪو اِنقلاب يا جاڳرتا پيدا ٿي آهي؟**

**موتيلال:** رام! اَهڙي جاڳرتا پڪ ئي پڪ ايندي ۽ ڪنهن حد تائين آئي بہ آهي؛ جيڪا ڪيرت، گوبند، اُتم، دادي پوپٽي ۽ ٻين جي محنت جو ڦل آهي!

**جوَهراڻي:** **اَسين توهان جا دلي شڪرگذار آهيون جو توهان جي آزمودن ۽ ويچارن مان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو اَٿئون. جاتيءَ جا نوجوان توهان مان گهڻو ڪجهہ پرائيندا!**

**موتيلال:** توهان جي مهرباني! جوَهراڻي صاحب!